# چوٿي مرحلي لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ جو هدايتون

## ڪير درخواست ڏئي سگهي ٿو؟

هراهو فرد جيڪوننڍي ڪاروبار کي بهتر بڻائڻ يا وڌائڻ چاهي ٿو يا نئون ڪاروبار شروع ڪرڻ چاهي ٿو

---

## مالي مدد جي تفصيل

گرانٽ جي حد 10,000 اکرين ڏه هزار يورو يا ان کي پاڪستاني 33 لک روپين جي برابر بيان ڪري سگهجي ٿو

گرانٽ ناقابل واپسي آهي ۽ ان کي صرف ئي صرف ڪاروباري ترقي ۽ واڌاري جي مقصدن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿي

---

## ترجيحي شعبا / ڪاروبار جا قسم

ممڪنيت، مقامي ضرورتن، ۽ مارڪيٽ جي صلاحيت جي بنيادن تي ترجيحي ڪاروباري شعبن يا قسمن جي فهرست هيٺ فراهم ڪئي وڃي ٿي پر انهي کان علاوه ٻيا به ڪاروبار ٿي سگهن ٿا. ننڍي گرانٽ لاءِ هيٺ ڏنل شعبن کي ترجيحي بنيادن تي جانچيو ويندو. مثال طور:

| نمبر | مختلف ڪاروبارن جي فهرست | نمبر | مختلف ڪاروبارن جي فهرست |
|---|---|---|---|
| 01 | 1. مختلف ٻجن جهڙوڪ سورج مکي، سرنهن، تر، ڪپهه جي ڪکڙن وغيره مان تيل ٺاهڻ<br>2. آئل ايڪسپيلر يا گهاڻو لڳائڻ<br>3. فوڊ پروسيسنگ سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>4. ڪينڊي ڪيٽري (ننڍي سطح تي ٽافيون ٺاهڻ | 02 | 1. ويليو چين انڊسٽري؛ ٽماٽر ڪيچپ ٺاهڻ ۽ مرچ ساس وغيره<br>2. تعميراتي شيون جهڙوڪ سيمينٽ بلاڪ، ٽائلس، پيور، ماربل چپس، ٻيهر استعمال ٿيندڙ پلاسٽڪ مان شيون ٺاهڻ |
| 03 | 5. کير مان مختلف شيون ٺاهڻ جهڙوڪ سچو گيهه، مائو، مکڻ، پنير، ڏهي وغيره<br>6. فوڊ پروسيسنگ سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>7. پاپڙ، مٺايون، آچار، جوس، آئيس ڪريم، بيڪري، چاڪليٽ ۽ ڪولڊ چين ڪاروبار وغيره | 04 | 3. مختلف ننڍا ننڍا ڪاروبار جنهن ۾هٿ جو هنر جنهن ۾ مختلف مشينري ۽ ٽيڪنالاجي جو استعمال ڪري سگهجي ٿو<br>4. بوٽ، سينڊل ۽ جتيون ٺاهڻ جو ڪارخانو<br>5. فرنيچر ۽ دستڪاري وغيره |
| 05 | 8. آٽو ڳنجنيرنگ / آٽو مڪينڪل/ اليڪٽرڪ ورڪشاپ<br>9. گاڏين جي مرمت ڪرڻ ۽ حصا ٺاهڻ، ٽائر پنچر ۽ ويل الائينمينٽ ورڪشاپ وغيره | 06 | 6. سياحت ۽ ٽوئرزم سان لاڳاپيل ڪاروبار<br>7. هوٽل ۽ ريسٽورينٽ<br>8. لانڊري / ڌوٻي<br>9. پينا فليڪس ۽ بينر جي ڇپائي وغيره |
| 7 | 10. ڊيڪوريشن،ڪيٽرنگ، ۽ تقريبن جي انتظام جون خدمتون<br>11. ڪار / گاڏين ڌوئڻ جي سروس<br>12. اسپتالون، ميڊيڪل سينٽرز،ڪلينڪ وغيره | 8 | 10. مڇي، جهيگن ۽ ڪيڪڙن جي پالنا، مارڪيٽنگ، پيڪنگ ۽ پيڪيجنگ جو ڪاروبار وغيره<br>11. وڏي سمونڊ ۾ تجارتي مڇي مارڻ واري ٻيڙي هلائڻ مڪمل سامان سميت |
| **انهن سان ملندڙ ٻيا به ڪيترائي ڪاروبار ٿي سگهن ٿا جن لاء به درخواست ڏئي سگهجي ٿي** | | | |

انهي سان گڏوگڏ زراعت،کير ۽ انهن مان ٺهندڙ ٻين شين لاءِ درخواست پڻ ڏئي سگهجي ٿي

---

## قابليت جا معيار

درخواست ڏيندڙ لاءِ لازمي آهي ته

گرانٽ جو خواهشمند فرد قانوني طورپاڪستان جو شهري هجي ۽ شناختي ڪارڊ رکندڙ هجي عمر 18 سالن کان 60 سال جي وچ ۾ هجيس

بينڪ اڪائونٽ رکندڙ هجي يا کولرائڻ جو خواهشمند هجي

اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ پڻ رکندڙ هجي يا وٺڻ جو خواهشمد هجي. اين ٽي اين سرٽيفڪيٽ ۾ ڪاروبار جي وضاحت هئڻ لازمي هجي.

ڪنهن به مالي اداري يا بينڪ طرفان ڪوبه قرض ڪنيل نه هجيس جنهن جو ثبوت پيش ڪري يا اي سي آءِ بي جي رپورٽ ۾ واضح ٿيل هجي.

صرف ٺٽو ضلع اندرئي تجويز ڪيل ڪاروبار قائم ڪرڻ لاءِ تيار هجي

---

## سمال گرانٽ اسڪيم تحت هيٺ ڏنل ڪاروبارن جي مد ۾ فنڊ نه ڏنا ويندا

تعميراتي يا سول ڪم جي ضرورتن وارا منصوبا

زمين يا عمارتن جي خريداري

ڪنهن به قسم جي گاڏين جي خريداري

استعمال ٿيل يا بحال ٿيل مشينري يا سامان جي خريداري

اسٽاڪ/خام مال جي ڪل منصوبي جي قيمت جي 30٪ کان وڌيڪ گهر ڪرڻ جي صورت ۾ اڳواٽ منظوري ورتي ويندي

بنيادي زراعت، مال مويشي، کير جو وڪرو وغيره

گهر تي ٻڌل غير رسمي ڪاروبار جنهن جي آپريشن لاءِ وقف ٿيل جڳهه نه هجي

---

## درخواست تي عمل ۽ ان جو جائزو

چوٿي مرحلي جون درخواستون وصول ڪرڻ لاءِ ڏنل اشتهارڪان پوءِ هيٺ ڏنل مرحلا طئي ڪيا وجن ٿا

مڪمل گهرجن سان گڏ درخواست جمع ڪرڻ

ابتدائي جانچ پڙتال

جائزو (فيلڊ جي سطح تي سوشل ۽ ٽيڪنيڪل ڪاتو ۽ بزنس ڊولپمينٽ پلان تاهڻ وغيره

انٽرويو (جيڪڏهن ضروري آهي ته )

آخري چونڊ

# نوٽ: صرف شارٽ لسٽ ٿيل درخواستگذار سان ئي رابطو ڪيو ويندو

---

## درخواست تائين رسائي ۽ جمع ڪرڻ جا تفصيل

ننڍي گرانٽ جي لاءِ درخواست ايڪٽ انٽرنيشنل آفيس مڪلي نٽو مان حاصل ڪري سگهجي ٿي يا، ايڪٽ انٽرنيشنل جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿي

درخواست ايڪٽ انٽرنيشنل آفيس مڪلي نٽو ۾ جمع ڪرائي رسيد حاصل ڪري سگهجي ٿي

گرانٽ لاءِ ڏنل درخواستون صرف ۽ صرف لاڳاپيل عملي يا بزنس ڊولپمينٽ آفيسر ايڪٽ انٽرنيشنل آفيس مڪلي وٽ ئي جمع ڪرائي سگهبي

درخواست صرف ۽ صرف بند پيل لفافي ۾ ئي قابل قبول هوندي

درخواست جمع ڪرائڻ لاءِ ڪنهن به پريشاني يا مونجهاري جي صورت ۾ ايڪٽ انٽرنيشنل آفيس مڪلي نٽو جي آفيس اندر قائم ڪيل معلوماتي ڊيسڪ تان گهربل مدد يا معلومات وٺي سگهجي ٿي. ان معلوماتي ۽ مددي ڊيسڪ جي لاءِ به عدد عملو هڪ ڇوڪرو ۽ هڪ ڇوڪري، سوشل آرگنائيزرز وقف ڪيا ويا آهن.

---

## درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ ۽ وقت

درخواست جمع ڪرائڻ جي آخري تاريخ جولاءِ 10، 2026

سمال گرانٽ لاءِ درخواست پوسٽ آفيس ذريعي پڻ ڄاڻايل پتي تي موڪلي سگهجي ٿي

درخواست ايڪٽ انٽرنيشنل آفيس گهر نمبر اي 25 ، زينب هاسپيٽل روڊ هائوسنگ سوسائٽي مڪلي نٽو وٽ روبرو جمع ڪرائي سگهبي
رابطي لاءِ ٽيليفون نمبر
03345195184
مسٽر عبدالجبار پٽي ايڪٽ آفيس مڪلي نٽو
ويب سائيٽ
https://act-international.org/

---

### شڪايتن جي ازالي جو طريقيڪار

ڪنهن به شڪايت، صلاح يا مشوري جي صورت ۾ هيٺ ڏنل نمبر تي رابطو ڪندا
00923111999899

## چوٿي مرحلي لاءِ درخواست جمع ڪرائڻ لاءِ چيڪ لسٽ

گرانٽ جي درخواست ايڪٽ انٽرنيشنل جي ويب سائيٽ يا ايڪٽ انٽرنيشنل جي آفيس مڪلي نٽو تان وٺي سگهجي ٿي

گرانٽ جي درخواست سان گڏوگڏ درخواست گذار جون 2 عدد تصويرون ۽ شناختي ڪارڊ جون به عدد ڪاپيون گهربل آهن

درخواست گذار 200 روپيه جو قسم نامو جنهن تي پنهنجي ضمانت قسم نامي طور لکي ڏيندو

ان سان گڏوگڏ ڳوٺ جو هڪ معزز شخص، جنهن جي شناختي ڪارڊ جي ڪاپي، صحيحون پڻ ضمانت طور تي گهربل هونديون

قسم نامي جو نمونو ايڪٽ انٽرنيشنل جي آفيس مڪلي نٽو تان پڻ وٺي سگهجي ٿو يا ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري سگهجي ٿو

هڪ شخص، هڪ ئي وقت، صرف هڪ ئي درخواست گذار جو ضامن ٿي سگهي ٿو

هلندڙ ڪاروبار جو چٽو واضح ثبوت، مثال طور هلندڙ ڪاروبار جون ٻه عدد تصويرون، درخواست سان گڏ ايڪٽ آفيس تي جمع ڪرايون وينديون

ڪاروبار يا دڪان جي لِيز، ايگريمينٽ يا ڪو ٻيو رڪارڊ، جنهن مان ڪاروبار جي مالڪي جو واضح ثبوت ملي سگهي

بينڪ اڪائونٽ جا تفصيل ۽ اين ٽي اين نمبر به جمع ڪرائڻ ضروري آهي

نئين ڪاروبار جي صورت ۾، درخواست گذار جو هنرمند يا تجربيڪار هجڻ ضروري آهي جنهن جي لاءِ درخواست گذار سرٽيفڪيٽ يا ٻيو ڪو ثبوت مهيا ڪندو

درخواست گذار ايڪٽ انٽرنيشنل طرفان ڪرايل ڪنهن به تربيتي ورڪشاپ، گڏجاڻي يا ڪاروبار سان لاڳاپيل پروگرام ۾ شرڪت ڪرڻ جو پابند هوندو

درخواست گذار پنهنجي درخواست سان گڏوگڏ پنهنجي هلندڙ ڪاروبار جي تفصيل هيٺ ڏنل موضوعن تحت جمع ڪرائيندو

ڪاروبار جو قسم

ڪاروبار ۾ شروعاتي لڳايل رقم

تخميني آمدني

ان مان ملندڙ نفعو

ان سان گڏ گهربل گرانٽ جي رقم

ان جي استعمال جي تفصيل

ملندڙ رقم ڪانپوءِ ڪاروبار ۾ڪيترن ماڻهن جو اضافو ٿي سگهندو

متوقع آمدني

ملندڙ نفعو وغيره

مٿي ڄاڻايل ڪاغذن جي جمع ٿيڻ جي باوجود به ايڪٽ انٽرنيشنل طرفان ڪنهن بہ فرد جي اهليت يا نااهلي جو فيصلو پنهنجي اداري ايڪٽ انٽرنيشنل ۽ پائيدار پروگرام جي پاليسي تحت ڪرڻ جو حق رکي ٿو

وڌيڪ معلومات لاءِ ايڪٽ انٽرنيشنل جي آفيس مڪلي، ٺٽو يا هيٺ ڏنل ويب سائيٽ تي چيڪ ڪريو

https://act-international.org/

## نوٽ؛ صرف ۽ صرف مڪمل درخواستن تي غور ويچار ڪيو ويندو